جيئڻ خان ڪيريو

# سيد علي گوهر شاهہ ’اصغر‘ جي ڪافين ۾ محاورن جو استعمال

**Abstract:**

**The use of dialects in the kafies of Syed Ali Gohar Shah ‘Asghar’**

*The classical Sindhi poets have used dialects used by common people usually in their prose and poetry. However, it is said that the roots of classical poetry lie with human-being. They guide potentially, economically, sociologically and also spiritually to the public. People have been found spiritually satisfied and mentally relaxed. As the human being is the compound of body and soul. Therefore the body has need of nutrients but the soul can survive only on love, help and aspiration which will keep it alive and fresh in this world. The role of emotion is to express internal ideas and solve problems. In this way we need words to express our feelings. It’s language which shows hidden abilities of human being. Dialect is refers to a variety of language used in society’s daily life and fulfills the needs simultaneously. The topic of this research being “The use of dialects in the Kafies of Syed Ali Gohar shah “Asghar”, the study aims at exploring there varieties of language.*

**سنڌ** ۾ ڪلاسيڪي (اساسي) شاعرن پنهنجي شاعريءَ کي موزون بنائڻ لاءِ عوام ۾ عام استعمال ٿيندڙ محاورن کي ڪتب آڻي، سندن روحاني، سياسي، سماجي، اقتصادي توڙي اخلاقي پهلوئن جي رهنمائي بہ ڪئي آهي. ان ڪري چيو ويندو آهي تہ، ڪلاسيڪي شاعريءَ جون پاڙون عوام ۾ ڪتل آهن، جنهن سان ماڻهن کي روحاني سڪون بہ پئي مليو آهي.

انسان، جسم ۽ روح جو مرڪب آهي. جسم جي غذا کاڌ خوراڪ ۽ روح جي غذا پروسو يا دلاسو، پيار، محبت، احساس وغيره آهن. درحقيقت اهي اهڙا جذبا آهن، جن سان انسان پنهنجي اندر جي اپٽار ڪندو آهي. اهڙيءَ ريت انهن احساسن جي اظهار لاءِ ٻوليءَ جو عمل دخل ٿئي ٿو. جيڪا لڪل صلاحيتن کي ٻاهر ڪڍي ٿي. ٻوليءَ جا ڳالهايل جملا ڪيترين ئي معنائن ۾ استعمال ٿين ٿا. هڪڙا سڌيءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿين تہ ٻيا اڻ سڌي معنيٰ يا مطلب طور استعمال ٿين. اهڙن اڻ سڌي معنيٰ رکڻ وارا لفظ يا جملا ’محاورا‘ يا ’اصطلاح‘ سڏجن ٿا، جيڪي روزانو سماج ۾ سندن مطلب آهر





استعمال ٿين.

هتي آئون پنهنجي عنوان: ”پير سيد علي گوهرشاهہ ’اصغر‘ جي ڪافين ۾ محاورن جو استعمال“ بابت ثابت ڪرڻ چاهيندس. سڀ کان پهرين محاورن جي وصف بابت اڳ ڪيل تحقيق جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

محاورن يا اصطلاحن جي وصف بابت ڪافي ماهرن پنهنجا رايا ڏنا آهن. تنهن هوندي بہ، اجا ڪا اتفاق راءِ سان وصف جڙي نہ سگهي آهي. البت ڪجھ ويجهي زماني جي ماهرن جديد وصفون جوڙي ڪنهن قابل اعتماد وصف جي ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جن ۾: ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر روي پرڪاش ۽ الطاف جوکيو قابل تعريف آهن. هنن محققن محاوري جي لغوي معنيٰ جي تھ تائين وڃي مدلل وصف جوڙي آهي. سندن محنت هن ڏس ۾ ڏاڍي آساني ڪئي آهي. هن هيٺ سندن جوڙيل وصفون بيان ڪيون وڃن ٿيون:

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي مطابق تہ، ”’محاورو يا اصطلاح‘ ٻئي عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جيڪي فارسيءَ ۾ ڪتب ايندا آهن. اهي لفظ پوءِ اردو، هندي، سنڌي، پنجابي، ڪشميري ۽ ٻين ڪن ٻولين ۾ بہ مروج ٿي ويا آهن. محاورو لفظ جو عربيءَ ۾ اچار آهي ’محاورت‘ اهو ’حاور‘ يا ’حور‘ فعل مان نڪتو آهي، جنهن جو مطلب آهي، موٽائڻ، ورندي ڏيڻ.“(1)

ڊاڪٽر روي پرڪاش موجب ، ”’محاورو يا اصطلاح‘ ٻئي عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جيڪي فارسيءَ ۾ ڪتب ايندا آهن. اهي لفظ پوءِ اردو، هندي، سنڌي، پنجابي، ڪشميري ۽ ٻين ڪن ٻولين ۾ بہ مروج ٿي ويا آهن. محاورو لفظ جو عربيءَ ۾ اچار آهي ’محاورت‘ اهو ’حاور‘ يا ’حور‘ فعل مان نڪتو آهي، جنهن جو مطلب آهي، موٽائڻ، ورندي ڏيڻ.“(2)

الطاف جوکيو مطابق: ”اصطلاح: هي لفظ (Term) سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن جملي جي جزن لاءِ ڪم آندو ويجي ٿو، جن ۾ فعلي مصدر ڪندو آندو ويجي ۽ زمان، ضمير ۽ جنس وغيره جي گردان ۾ ڦرندڙ هجي؛ توڙي جو اهو جملي جو جز لغوي معنيٰ سان سلهاڙيل هجي.

محاورو: هي لفظ (Term) سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن جملي جي جزن لاءِ ڪم آندو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وچي، جيڪي زمان، ضمير ۽ جنس وغيره جي گردان ۾ اڻ ڦرندڙ رهي ۽ فعلي مصدر کان آجا هجن: توڙي جو اهي جملي جو جز لغوي معنيٰ سان سلهاڙيل هجي يا نه هجي.“(3)

ان کان علاوه راز شر محاوري جي تعريف هن ريت ڪئي آهي، ”'اصطلاح' اهو آهي، جنهن ۾ ٻن يا ٽن لفظن جو مرڪب هوندو آهي ۽ آخري فعل مصدر جي صورت ۾ هوندو آهي. يعني فعل جي آخر ۾ ملائڻو پوندو آهي. پر ان جي پڇاڙيءَ متعلق حالتن ۾ تبديلي ٿيندي رهندي آهي.“(4)

هنن مٿي بيان ڪيل وصفن کان پوءِ نتيجو هن ريت نڪري ٿو ته، محاورو يا اصطلاح ساڳي معنيٰ رکن ٿا. اهي ٻئي لفظ عربيءَ جا آهن. محاورو معنيٰ موٽائڻ يا ورندي ڏيڻ. اصطلاح جي معنيٰ موافق يا سنو يا وڻندڙ آهي. يعني ته اهڙا وڻندڙ لفظ جن جي مطلب واري معنيٰ آسانيءَ سان سمجهي ويندڙ هجي ۽ ورندي ڏيندڙ پوريءَ ريت سمجهي سگهي. جيڪا تجربن کان پوءِ مستقل طور استعمال ٿيندڙ هجي.

مُرليڌر جيٽلي ۽ روي پرڪاش، پلاٽس (Platts Jhon. T.) جي حوالي سان سندس اردو، هندي ڊڪشنريءَ ۾ اصطلاح جي معنيٰ هن ريت ڪئي آهي. ”لفظي ميڙ، فڪرو، محاورو، ٻوليءَ ۾ استعمال، ڪا مقبول معنيٰ، مروج ٽيڪنيڪي لفظ.“ (5)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ موجب، ”اهو جملو يا گفتو جيڪو لفظي معنيٰ جي بدران ٻي معنيٰ جي ڪم اچي، روزمره جي ٻولي، گفتگو، مشق، استعمال، آزمودو.“(6)

ميمڻ عبدالرشيد موجب محاوري جي معنيٰ هن ريت آهي، ”اهو جملو يا گفتو جيڪو لفظي معنيٰ جي بدران ٻي معنيٰ جي ڪم اچي، روزمره جي ٻولي، گفتگو، مشق، استعمال، آزمودو.“(7)

اصغر سائين پنهنجي شاعريءَ (ڪافين) ۾ عام ماڻهن جي مروج محاورن کي ڪتب آندو آهي، جنهن سان سندس ڪلام ۾ ڪلاسيڪيت جي ساک ٻيهي ٿي.

**1. ڪٿوري ڪٿي اڇڻ = هرڻ جي دن مان نڪرڻ واري خوشبوءِ.**

هرڻ جي دن مان نڪرندڙ هڪ قسم جي خوشبو انسان جي روح کي راحت ڏيندڙ ۽ منفرد آهي. ان ڪري ماڻهو بهتر شيءِ جي پيٽا ڏيندا آهن. چوندا آهن ته، ڦريون ملهه ڪٿوري آهي. يا چوندا آهن ته، 'خون ۽ ڪٿوري لڪڻ جا ناهن' وغيره. محبوب جي گهر اچڻ سان ڪٿوري سمجهي هيئن به چوندا آهن:





”ڪٿي ڪٿوري آيو، گهر گهر ڏئي ٿو گهٽي“
(شيخ، 1999ع، ص 237)

**2. ڏونگر ڏورڻ = پهاڙن ۾ ڳولا ڪرڻ يعني ڪشالا ڪٽڻ.**

عاشق کي پنهنجي محبوب جي ڳولها ڪرڻ لاءِ جبل جهاڳڻا پون ٿا ته، به نه ٿو گهبرائي. جبلن جا پنڌ ٿڪائيندڙ ۽ تڪليف ڏيندڙ آهن. ڪڏهن جانب جي جدائيءَ ۾ ڏونگر ڏورڙان پون ٿا.

”جدا جانب کان جيڏيون، ٿي ڏکيءَ ڏونگر ڏوريا“
(شيخ، 1999ع، ص 8)

**3. لالي لائڻ = سرخي يا ڳاڙهاڻ لڳائڻ**

اصغرسائينءَ 'لالي لائڻ' عام محاوري کي ڪيڏو نه خوبصورت پيٽا ۾ آڻي خوبصورت بنايو آهي. لالڙي يا لالي عورتون شادي مراديءَ جي وقت ڳلن ۽ چپن کي هٽي پنهنجي چهري کي خوبصورت بنائينديون آهن.

”ڪلنگا جي ڪليا، بسنت بهاريا، سوسن کي سورن جي وري لالي اچ لائي“
(شيخ، 1999ع، ص 238)

**4. خوشبو ڦهلائڻ = سڳنڌ، سرهاڻ، هڳاءُ**

خوشبو اچڻ، خوشبو نه اچڻ، خوشبو ڇٽڻ، خوشبو ڇڏڻ. جدا جدا معنيٰ رکن ٿيون. ڪڏهن پنهنجي محبوب جي اچڻ تي هيئن به چون.

”نازبو چمن ۾ خوشبو مچائي، جو ايندو باغن ۾ منهنجو جانب جائي.“
(شيخ، 1999ع، ص 238)

**5. سرهي سيج وڇائڻ = ڪنهن به ڪم جي پوري طرح ۽ جسائتي نموني پوئيواري ڪرڻ.**

سرهو ٿيڻ، سرهي سيج وڇائڻ يا پرينءَ جي سيج لاءِ چون ته:

”اڄ ڪا پرين جي خبر جا آئي، سرهي سيج وڇايان، تنهن لاءِ سيج سرهائي.“
(شيخ، 1999ع، ص 238)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**6. زارو زار روئڻ = تمام گهڻو روئڻ، جهجهو روئڻ، ڏاڍو روئڻ**

زاروزار يا زارو قطار عام استعمال ٿيندڙ محاورو آهي. جيڪو روزانو ڪٿي نه ڪٿي گفتگو ۾ استعمال ٿئي ٿو. ڪنهن پياري جي وڇڙي وڃڻ ۾ تمام گهڻو روئڻ ايندو آهي يا پنهنجي محبوب جون ڳڻن ڀريون ڳالهيون ياد ڪري هيئن به چئبو آهي:

"روئان زاروزار ني، ڳالهيان تي ڳڻ ڳاڪي"
(شيخ، 1999ع، ص 145)

**7. مڇ مڇائڻ = جهيڙو ڪرڻ، خرابي ڪرڻ**

معاشري ۾ هي محاورو عام استعمال ٿيندو آهي. جيئن فلاڻو ڳالهه چوري مڇ مڇائي ويو يا چوندا آهن ته، پاڻ مڇ مڇائي هليو ويو، اسين آزار ۾، يا عشق ڪي وڌائڻ چڙهائڻ لاءِ به ڪتب ايندو آهي.

"اول نينهن لائي گهورن ساڻ گهائي، ڪيئه مڇ مڇائي ڇا ڪئون."
(شيخ، 1999ع، ص 291)

ان ڪان علاوه مڇ مڇائڻ سان ٻيا به محاورا جڙن ٿا:ڪو مڇ مڇائجي، مڇ ٿي ويو، ڪو مڇ نه ٻاريئه.

**8. گهوري گهورڻ = سرير تان گهمائڻ، ڀيٽ طور ڏيڻ، قربان ڪرڻ، ڳولڻ، تلاش ڪرڻ، ڇٽڻ، ڇٽڪارڻ.**

سنڌ جي عام ماڻهن جو اڄ به رواج آهي ته، گهوٽ جي مٿان پيسا گهوريندا آهن. گهوٽ جڏهن سرگس ڪندو آهي ته، پيسا يا خارڪون گهوريون وينديون آهن. يا ڳائڻ واري جي اڳيان گهوٽ تان پيسا گهوري اڇليندا آهن. عام طرح هي به چوندا آهن ته، آئون توتان سرساهه گهوري ڇڏيان. يا وري چوندا آهن ته، واهه ڙي واهه توتان به مائٽن نوٽ ٿي گهوريا! ڪڏهن وري چوندا آهن ته، سڄڻ تان سر به گهوري ڇڏجي.

"گهوريون گهورن تنهن سڄڻ تئون، سگ سيئي پنهنجا پيڪا سر
سوري دنيا داري!"
(شيخ، 1999ع، ص175)





**9. ماڻو ڪرڻ = پرين جي بازي، نخرو، ناز**

ڪنهن ماڻهوءَ ڪي جيڪڏهن منٿون ڪبيون آهن ته، ڄاڻي واڻي نخرو ڪندي جواب نه ڏيندو آهي. تڏهن ڪيس چوندا آهن ته، ماڻو ڪيو اٿس، اهڙي طرح ٻيا به جملا استعمال ڪندا آهن. مثال: هڪڙو رنگ جو ڀاڙيو ٻيو ماڻو، ماڻو اهڙو ڪري، جيڪو نهي، ماڻو نه ڏس ڪهڙو ڪيو اٿئي وغيره.

ڪي عاشق مزاج ماڻهو پنهنجي معشوق ڪي چوندا آهن، هاڻي ماڻا ڇڏي ڏي، يا چوندا آهن ته، معشوقن جا ماڻا نه سهڻا پوندا ته، ڪڏهن وري چوندا ته، معشوقن سان ماڻا ڪرڻ نٿو جڳائي.

" ماڻا مشتاقن سان پرين، جانب تو نه جڳاءِ."
(شيخ، 1999ع، ص 270)

**10. پيچ پائڻ = وڪڙ هڻڻ، نينهن لائڻ**

دوستيءَ ۾ هڪ ٻئي سان واعدا وفائيون ڪبيون آهن. انهن جي نياءَ سان چوندا آهن ته اجان تائين پيچ پايو اڇي، گهاري ڪانه وڌي اٿس، يا ڪڏهن ڪا اڻوٽندڙ ڳالهه ٿيندي آهي ته، چوندا آهن، پيچ پاتو اٿئي ته نباءِيا چوندا آهن، پيچ پائي ته نبائي نه ته اهڙو واسطو ئي نه رکي يا چوندا آهن ته، پيچ پاتو اٿئي ته لوڪان ڪهڙو لڪبو يا چوندا آهن ته، پيچ پائي لوڪان نه لڪنديس.

" پائي پيچ پريت جو لوڪان ڪين لڪنديس"
(شيخ، 1999ع، ص 285)

پيچ محاوري سان لاڳاپيل ٻيا محاورا به جڙن:

| | |
|---|---|
| پيچ پوڻ | = منجهيل ٿيڻ، |
| پيچ ڪائڻ | = لڇڻ ڦٿڪڻ، تڪليف پيو ڳڻ، |
| پيچ ڪوٽڻ | = ور يا وڪڙ لائڻ. |
| پيچ ۾ آڻڻ | = ڦاسائڻ، وڪڙ ۾ آڻڻ. ڪنهن ڳالهه ۾ ڦاسائڻ |
| پيچ ۾ پيچ هڻڻ | = وڪڙ ۾ وڪڙ وجهڻ، ڦڏو وجهڻ، دشمن جي لغڙ ۾ وڪر وجهڻ وغيره. |



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**11. ڪشالا ڪرڻ = سخت پورهيو ڪرڻ، محنت ڪرڻ، پاڻ پتوڙڻ، هلاڪي، تڪليف، اهنج، مشڪلات، دقت، جاکوڙ، پريشاني، وياڪلتا.**

عام طرح مائٽ پنهنجي اولاد کي سڌارڻ لاءِ تڪليفون ڪندا آهن. پر سندن اولاد سڌري نہ سگهندو آهي. تڏهن چوندا آهن تہ 'ڏاڍا ڪشالا ڪاٽيم، پر ڇوڪرو سڌري نہ سگهيو' يا چوندا آهن تہ 'ادا ڪشالا بہ ڪاٽيم، وريو بہ ڪجھ ڪونہ'. يا هيئن بہ چوندا آهن تہ 'پلي پيو ڪشالا ڪڍي پر ورندئي ڪجھ ڪونہ' وغيره يا وري ڪو چوندو تہ 'آئون پيو ڪشالا ڪاٽيندس'.

"ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڪانگ لاءِ ڪنديس."

(شيخ، 1999ع، ص 285)

**12. ڏک ڏولاوا = غم، ارمان، شوڪ، اهنج، تڪليف، لاچار، حالت، سوڙهہ، پيڙا، ويڌنا، ڪم بختي، درگني، ڏولائو، تڪليف، ڏکيائي، هراس، هيبت، ٽرٽلو، ڦڙڦوٽ، ٽاڪوڙو، بي چيني، بي آرامي، گوڙ، آندولن، آنڌ مانڌ.**

سڄي عمر ڏکن ڏولاون ۾ گذري وئي سک جو تہ ساھ بہ نہ ڪنيو سون، ڀلا هي ڏک ڏولاوا بہ اسانجي نصيبن ۾ آهن ڇا؟ زندگيءَ ۾ ڪيترائي ڏک مليا پر ويا لهي. لهي ويندا هت سڀ ڏک ! مطلب تہ زندگيءَ ۾ ڏک ضرور اچن ٿا اڪثر ڪري ڳوٺاڻا شادين مرادين يا ونگارن جي وقت ڪچهرين ۾ اهڙي قسم جا محاورا استعمال ڪندا آهن. ڏک سان گڏ ٻيا لفظ ملي هي محاورا استعمال ٿيندا اچن:

ڏک ڏولاڪا　　= مصيبت، تڪليف، پريشاني، علاوه ڏڪارو

ڏک اورڻ　　= ڏکائٽو، ڏکوئڻ

ڏک ڏوراپا ڪڍڻ　　= ڏک سور پٽڻ، ڏکيرو، ڏکڙا وغيره.

"ڏک ڏولاوا ڏاڍا ڏونگر، ننڌر جا ها نصيب"

(شيخ، 1999ع، ص 11)

**13. اکيون اڙائڻ = نظر وجهڻ، دل ۾ سمائڻ.**

ڪنهن ماڻهوءَ جي دل ۾ پيار جي شروعات اکين سان ٿيندي آهي. پيار ۾





ڦاسڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. ڪي ماڻهو پيار کي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيندا آهن ۽ ڪي من گهريا محبوب حاصل بہ ڪري وٺندا آهن. اکين جي اڙڻ جي ڳالھ مهرعلي شاھ تمام پلي ڪئي آهي، سندس ڪلام 'اکيان جا لڙيان' مشهور آهي. اصغر سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ اکيون اڙائڻ کي هيٺين ريت استعمال ڪيو آهي:

"اکيان اٽان وچ اڙيان، جاءِ پهچڻ جت ناهين."

(شيخ، 1999ع، ص 246)

"اکيان اصغر ديان روز ازل دي، نال سهٽي وچ لڙيان"

(شيخ 1999ع، ص 246)

اکين جا ٻيا بہ ڪيترائي محاورا آهن، جن مان هرهڪ جو مقصد پنهنجو پنهنجو هوندو آهي. ڪجھ محاورا هن هيٺ ڏجن ٿا:

اک اٽڻ، اک اٽڪائڻ، اک اوچي ڪرڻ، اک بدلائڻ، اک بند ننگري ناس، اک ٻوٽ، اک پيچڻ، اک پيري نهارڻ، اک پٽجڻ، اک ترڪڻ، اک تي پٽي ٻڌڻ، اک پائڻ، اک وجهڻ، اک پئجي وڃڻ، اک ڦٽي پيڙا وئي، اک فرڙائڻ، اک ڦرڻ، اک ڦهلائڻ، اک ڦيرائڻ، اک ڦيرائي ڇڏڻ، اک ۾ پائڻ، اک چورائڻ، اک ۾ سرمو چورائڻ، اک جو مڇ ڪي نہ ڏسڻ، اک جي پتلي، اک چڙهائڻ، اک ڇهري ڪرڻ، اک ڏيگهہ، اک سان چوڏو ٻڌڻ، اک سيڪڻ، اک سڪڻ، اک ڪڍي وٺڻ، اک ڪڙائڻ، اک ڪان بچڻ، اک ڪلڻ، اک ڪلڻ، اک ٻوٽڻ، اک ڪٽي نہ ڏسڻ، اک ڪولي ڏسڻ، اک لائڻ، اک لڄائڻ، اک لڳارڻ، اک مارڻ، اک ميري نہ ٿيڻ، اک ۾ چپڻ، اک ۾ رکڻ، اک هيٺ ڪرڻ، اکين اڳيان آنڌهيون اچڻ، اکين کي آگريون اچڻ، اکين تان پٽيون لاهڻ، اکين تي پٽيون ٻڌڻ، اکين تي پردو اچڻ، اکين تي چرٻي چڙهڻ، اکين تي رئو چڙهڻ، اکين تي ويهارڻ، اکين جا اولا لهڻ، اکين جا تارا ڦري وڃڻ، اکين جو تارو، اکين جو ڏئو، اکين جو رت ڇڏڻ، اکين جو سوجهرو، اکين جو ڪندو، اکين جو نور، اکين جون پرون چاڙهڻ، اکين ڏٺو، اکين ڪان اڇائڻ، اکين ڪان جڏو، اکين ڳاڙهو، اکين لونگ لڳڻ، اکين مان پالا ڪڍڻ، اکين جا تير ڇوڙڻ، اکين مان رت ڇلڪڻ، اکين آساڻ وڃائڻ، اکين ۾ ترڻ، اکين ۾ ڦرڻ، اکين ۾ ڦرٽيون هٽڻ، اکين ۾ جنجر هٽڻ، اکين سراهي ڦيرڻ، اکين ۾ ڪٽڪڻ، اکين ۾ لهڻ، اکين وارو هئڻ، اکيون اڏامڻ، اکيون ٻوٽڻ، اکيون ٻوٽي ڪم ڪڍڻ، اکيون ٻوٽي هلڻ، اکيون



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٻوٽي هليو هلڻ، اڪيون پري ڏسڻ، اڪيون ٽڙي پوڻ، اڪيون پير ڪرڻ، اڪيون ڦاٽڻ، اڪيون چار ٿيڻ، اڪين چرڻ وڃڻ، اڪيون ڇت سان لڳڻ، اڪيون ڌرتيءَ ۾ هڻڻ، اڪيون ٻوڙائڻ، اڪيون سڪڻ، اڪيون ڪڍي ڪتن کي ڏيڻ، اڪيون ڪپائڻ، اڪيون گرم ڪرڻ، اڪيون لائي ويهڻ، اڪيون نڪري اچڻ، اڪيون وڇائڻ، اڪيون هيٺ ڪرڻ.

**14. واڳ ورائڻ = موٽائڻ، سڌو رستو ڏيکارڻ، (مديني، مڪي پاڪ ڏي موڪلڻ) واڳ، مهار (اٺ جي) لغام/ لگام (گهوڙي جو) دليل، نٿ (ڏاندن جي).**

سنڌ ۾ مولودن ۾ هي محاورو استعمال ڪندا آهن. منهنجي واڳ مديني ورائجان، مديني وارا گهوٽ. يا عاجزانا عرض ڪندا آهن اسان گناهن ۾ عمر وڃائي آهي. هاڻي ڪا واهر ڪري سڌي واٽ تي واڳ وراءِ. اصغر سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ واڳ ورائڻ کي هيئنين ريت استعمال ڪيو آهي:

"واڳ ورائي ولهيءَ تي، سوڍل آءِ سيباٽا."

(شيخ، 1999ع، ص 257)

هن سان ٻيا محاورا جڙن ٿا:

| | |
|---|---|
| واڳ ڍري ڪرڻ | = ڇيڪ ڇڏڻ، پنهنجي وه ڇڏڻ، |
| واڳ موڙڻ | = وري اچڻ، موٽي اچڻ، |
| واڳ هٿ مان نڪري وڃڻ | = وجهه هليو وڃڻ، |
| واڳ هٿ ۾ رکڻ | = پنهنجي هٿ ۾ اختياري رکڻ، |
| واڳون ڍريون ڪرڻ | = وڌيڪ ڏوهه لاءِ مهلت، |
| واڳون وٺڻ | = پنهنجي اختيار ۾ آڻڻ، سهارو ڏيڻ. |

**15. فال وجهڻ= سوڻ سڳڻ، شگون، اڳ ڄاڻ، غيب داني**

'فال وجهڻ' محاورو بہ عام طرح استعمال ٿيندو آهي. ڪو ماڻهو اوچتو ملاقاتي ٿيندو آهي ۽ اهو ماڻهو گهربل هوندو آهي تہ ڪيس چوندا تہ اسان تہ تولاءِ فالون پي وڌيون سون، يعني توکي ڳولهيو سون پي. يا ڪا شيءِ نہ لڀندي تہ چوندا آهن، 'فال وجهرايو' وغيره. شاعرن پنهنجي محبوب کي ڳولڻ لاءِ فال وجهرائڻ وارو





محاورو بہ استعمال ڪيو آهي. 'فال' سان ٻيا محاورا: فال ڪڍائڻ، اڳ معلومات حاصل ڪرائڻ.

"ويٺي فالون پايان، ويڙهہ وڃان ڪنهن پار."

(شيخ، 1999ع، ص 253)

**16. سڪ سڪڻ = دل جي ڇڪ، حب، اڪير، اڪنڊ، ڏسڻ جي پياس، تڙف، نديءَ جو لٽ، رڌُ (جنهن مان ڪنير رانديڪا ٺاهي)[8]**

ڪنهن ماڻهوءَ کي هڏڪي ايندي آهي تہ، چوندا تہ، ڪنهن ساريو آهي يعني ڪنهن کي سڪ ٿي آهي. يا دير سان ملاقات ٿيڻ تي چوندا آهن تہ، سڪ لڳي اٿم يا انگل مان چون: توکي منهنجي سڪ لڳي ڇا، سڪ تہ ڪانہ لڳئي، ڪڏهن ڪڏهن ڏک مان يا ڪاوڙ مان چوندا آهن تہ، مڙس بہ آهين مور جو تنهنجي مونکي سڪ لڳندي. سڪ تي عورتون ڳيچ بہ چونديون آهن: (وڄ منهن ڏيکاري تنهنجي سڪ لڳي آهي ڏاڍي، متان موت ماري!) سڪ هڪ اهڙو محاورو آهي، جيڪو اندر ۾ اڪير جي اهڃاڻ طور استعمال ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن وري ڪنهن جي سڪ ۾ تمام گهڻو رنو ويندو آهي ۽ اکين مان نير وهائڻ کي نار جي پيٽ ڏيندا آهن.

"سڪي سگهارن لاءِ، نيڻ وهايم نار"

(شيخ، 1999ع، ص253)

**17. اوڙو پاڙو = ويجهڙائيءَ وارو گهر، پسگردائي، آس پاس، ويجهي، ڇڪ، پاڙي ۾ رهندڙ ماڻهو، پاڙيسري.**

اوڙي پاڙي محاورو بہ عام طرح ٻهراڙيءَ توڙي شهرجا ماڻهواستعمال ڪندا آهن. ظاهري معنيٰ مٿي ڏنل آهي، اصطلاحي معنيٰ پڻ ڪتب ٿيندي آهي. چوندا آهن تہ، اوڙو پاڙو سڀ جانچي ڏٺم، يعني ڪجهہ بہ نظر نہ اچڻ. يا چوندا آهن: ڪن جو اوڙو ڪن جو پاڙو ڪنهن جي دن کي داسو. مطلب تہ، سڀ ڪجهہ چٽ ٿيڻ، اوڙي پاڙي جو خيال رکڻ، مطلب حياءُ ڪرڻ، اوڙو پاڙو اوچائي ڏيڻ، آس پاس ۾ آزار مچائڻ، هي محاورو درحقيقت شاعريءَ ۾ استعمال ڪرڻ تمام ڏکيو آهي، پر اصغر سائينءَ هن ريت ڪتب آڻي، هن جي اهميت توڙي خوبصورتيءَ کي اجاگر ڪيو آهي:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”ٿلهه: اٿ جاڳ جاني، ننڊ ٿي نهوڙي، سانجهي يا سپاٽي، ايندو هوت حقاني،

1. اپريو جو تارو ساجهر سنوارو، جاڳو وي يارو، آهي ريت وهاٽي،
2. اوڙو جو پاڙو سمهڻ جو ساڙو، آيو اگهاڙو جو آهي آخر فاني،
3. توکي آرس آهي، چڏ لاهي، ڪرهل ڪاهي، پس پرينءَ جي پيشاني،
4. اصغر عاشق چئي، ڪوڙ ڪنهن سان نہ ڪجي، جهٽ سچ چئجي اها راهہ رباني.“

(شيخ، 1999ع، ص 238)

اصغر سائينءَ هن ڪافيءَ ۾ يڪسر ٽي محاورا يعني ’آرس‘، ’اوڙو پاڙو‘ ۽ ’ڪوڙ‘ استعمال ڪري ڪمال ڪيو آهي. ڇو تہ شاعريءَ ۾ محاورن جو استعمال ڏکيو هوندو آهي، سو بہ ترنم جي انداز ۾ آڻڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي. ان ڪان علاوه انهن محاورن مان ٻيا بہ محاورا جڙن ٿا.

آرس = سستي، ٽوٽپائي، ڪاهلي
آرسيل = ڪم جو ٽوٽي
آرس پيچڻ = بري نظر سان اشارو ڪرڻ
آرس نہ پيچ = مطلب سستي نہ ڪرڻ
ڪوڙ = جوٺ، مٿياهہ، آست، بي بنياد ڳالهہ، دروغ، غلط بيان، ڪپت، ڪوٿ، سچ جو ضد
ڪوڙو ٿيڻ = پت وڃائڻ، دير وجهڻ
ڪوڙي ڪننين = افواهي طرح ٻڌڻ،
ڪوڙ کي ٽنگون نہ هئڻ = ڪوڙي ڳالهہ هميشہ بي بنياد هئڻ،
ڪوڙن تي خرچ هئڻ = پاڻ کي نقصان ۾ وجهڻ،
ڪوڙ جو مثل ڪوڙ = ڪوڙ وارو ماڻهو ڪڏهن بہ اڳتي نہ اچي.

**18. پگهر = سرير جي سوراخن مان نڪرندڙ پاڻي، پسينو، پگهر پگهر ٿيڻ، شرمسار ٿيڻ، لڄي ٿيڻ، پشيمان ٿيڻ.**

پگهر محاورو بہ عام طرح پورهيتن لاءِ استعمال ٿيندو آهي، جنهن سان مزدورن جي اجرت وقت تي ظاهر ٿئي ٿي. ان جا ٻيا مثال هن ريت آهن:

پگهرجڻ = پگهر ۾ آلو ٿيڻ، سخت ڪاوڙ ۾ اچڻ،
پگهر جي ڪمائي هئڻ = سچي محنت جو ڦل ملڻ، صحيح اجورو ملڻ،





پگهر سڪائڻ =ساهي پٽڻ، آرام ڪرڻ،
پگهر جو پورهيو = حلال جي مزدوري ڪرڻ،
پگهر ۾ شم ٿيڻ = گهڻو پگهر اچڻ،
پگهر ۾ شل ٿيڻ = ذهني دٻاءَ هيٺ اچڻ،
پگهر وهائڻ = پريشان ڪرڻ،
پگهر سجايو ٿيڻ = اجورو ملڻ.

”مشڪ ڪٿوريءَ ڪان وڏ ياڻيان، پرينءَ منهنجي جو پگهر“

(شيخ، 1999ع، ص 253)

مٿين محاورن کانسواءِ اصغرسائينءَ جي ڪلام ۾ ٻيا بہ ڪافي محاورا موجود آهن، جيڪي روزانو عام ماڻهن ۾ مروج آهن. پر مقالي جي طوالت سبب مختصر ڪيو ويو آهي.

## حوالا


1. ڄيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي پهاڪا ۽ محاورا- هڪ اڀياس‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2004ع، ص: 54.
2. ٽيڪچنداڻي، روي پرڪاش، ڊاڪٽر، ’سنڌي پهاڪا: لسانياتي ۽ سماجي- ثقافتي اڀياس‘، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2010ع، ص: 85.
3. جوکيو، الطاف حسين، پروفيسر، ’سنڌي ٻوليءَ جي اهم اصطلاحي جزن جي تنقيدي اڪيڙ‘، سنڌي ٻولي، تحقيقي جرنل، سنڌي ٻولي اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، جولاءِ-سيپٽمبر 2009ع، ص: 132.
4. شر، راز، ’اصطلاح ۽ شاهہ لطيف جي شاعري‘، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد ٻيو، شمارو پهريون، 1999ع، ص: 56.
5. ڄيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، ’سنڌي پهاڪا ۽ محاورا- هڪ اڀياس‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2004ع، ص: 54.
6. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’هڪ جلدي سنڌي لغت‘، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ، 1998ع، ص: 612.
7. ميمڻ، عبدالرشيد، ’سنڌي- سنڌي انگريزي لغت‘، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد 2006ع، ص: 876.
8. سائل، سترامداس سوڀا سنگهہ جڙيا سنگهاڻي، پروفيسر، ’سائل ڪوش- هڪ جلدي لغت‘، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2009ع،ص: 267.
9. شيخ، محمد فاضل، پروفيسر، ’ اصغر سائين جو ڪلام- چوٿون ايڊيشن‘، جميعت علماءِ سڪندريہ جامعيہ راشديہ درگاهہ حضرت پير صاحب پاڳاره، پير جو ڳوٺ، سنڌ، پاڪستان، 1999ع.


**نوٽ:** سمورا بيت مٿين ڄاڻايل حوالي مان ڏنل آهن.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair